# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1991
# SINDH ACT NO.I OF 1991
## ڪئنال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪئنال ايراضي جو واڌارو) ايڪٽ، 1991
## THE CANAL AND DRAINAGE (EXTENSION TO ROHRI CANAL AREA) ACT, 1991
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1873 جي ايڪٽ VIII کي روهڙي ڪئنال ايراضين تائين وڌائڻ
Extension of Act VIII of 1873 to Rohri Canal areas

3. 1879 جو سنڌ ايڪٽ VII لاڳو ناهي ٿيڻو
Sindh Act of 1879 not to apply

4. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1991
# SINDH ACT NO.I OF 1991

## ڪئنال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪئنال ايراضي جو واڌارو) ايڪٽ، 1991
## THE CANAL AND DRAINAGE (EXTENSION TO ROHRI CANAL AREA) ACT, 1991

[2 اپريل 1991]

ايڪٽ جنهن ذريعي 1873 واري ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي ويندي ته جيئن روهڙي ڪئنال جي ڪجهه آبپاشي وارين ايراضين سان لاڳو ڪري سگهجي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اهو ضروري ٿي پيو آهي ته 1873 واري ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي وڃي ته جيئن روهڙي ڪئنال جي ڪجهه آبپاشي وارين ايراضين سان لاڳو ڪري سگهجي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ڪئنال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪئنال ايراضي جو اضافو) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ 23 آڪٽوبر 1990 کان لاڳو ٿيندو.

1873 جي ايڪٽ VIII کي روهڙي ڪئنال ايراضين

2. جيئن ته هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ سان، ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1873 روهڙي ڪئنال ذريعي تعلقي ٺٽو آدام ضلعي سانگهڙ جي آبپاشي هيٺ ايراضي تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 3.تنهن ڪري هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 اهڙين ايراضين تي لاڳو ٿيندو، جن تي ڪئنال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1873 لاڳو ٿئي ٿو. | **تائين وڌائڻ**<br>Extension of Act VIII of 1873 to Rohri Canal areas<br>1879 جو سنڌ ايڪٽ VII لاڳو ناهي ٿيڻو<br>Sindh Act of 1879 not to apply |
| 4. ڪئنال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪئنال ايراضي جو اضافو) آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي<br>Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**